رجب المرجب/شعبان المعظم 1445ھ/ فروری2024ء

ماہوار

# فیضانِ مدینہ

دعوتِ اسلامی



ویب ایڈیشن



تفسير قرآن

# راهِ خُدا ۾ خرچ ڪرڻ جي ترغيب جا قرآني طريقا

گذريل سان جڙيل

مُفتي محمد قاسم عطّاري

**ترغيب جو پنجون انداز:** سني ڪم ڪان رُڪجڻ جي پنيان ڪا نه ڪا رڪاوٽ هوندي آهي، چاهي داخلي هجي يا خارجي. الله پاڪ راهِ خُدا ۾ خرچ ڪرڻ ۾ رڪاوٽ بڻجڻ وارن اسبابن تي اسان کي مطلع فرمايو جيئن خارجي اسبابن جو رَد ڪري خرچ جي ترغيب ڏيندي ارشاد فرمايو: ﴿اَلشَّیْطٰنُ یَعِدُكُمُ الْفَقْرَ وَ یَاْمُرُكُمْ بِالْفَحْشَآءِۚ-وَ اللّٰهُ یَعِدُكُمْ مَّغْفِرَةً مِّنْهُ وَ فَضْلًاؕ-وَ اللّٰهُ وَاسِعٌ عَلِیْمٌ (۲۶۸)﴾ ترجمو ڪنزالعرفان: شيطان توهان کي محتاجي جو انديشو ڏياري ٿو ۽ بي حيائي جو حڪم ڏيئي ٿو ۽ الله توهان سان پنهنجي طرفان بخشش ۽ فضل جو واعدو فرمائي ٿو ۽ الله وسعت وارو، علم وارو آهي.(سيپارو 03، البقرة 268) صدقو ۽ خيرات ڪرڻ ۾ خارجي رڪاوٽ "شيطان" آهي جيڪو وسوسو وجهندو آهي ته انسانو، توهان صدقو ڏيندؤ ته پاڻ فقير ۽ غريب ٿي ويندؤ، تنهنڪري خرچ نه ڪيو. ان جي جواب ۾ خُدا فرمايو ته شيطان ته توهان کي بُخل ۽ ڪنجوسي جي طرف سڏي ٿو، پر الله پاڪ توهان ڪان واعدو فرمائي ٿو ته جيڪڏهن توهان ان جي راهِ ۾ خرچ ڪندؤ، ته هو توهان کي پنهنجي فضل ۽ مغفرت سان نوازيندو ۽ هي به ياد رکو ته هو پاڪ پروردگار وڏي وسعت وارو آهي، هو صدقي سان توهان جي مال کي گهٽجڻ نه ڏيندو، بلڪ ان ۾ اجان برڪت پيدا ڪري ڇڏيندو.

**ترغيب جو ڇهون انداز:** جيئن مٿي بيان ڪيو ويو ته نيڪي ڪان رڪجڻ جي پنيان ڪا نه ڪا رڪاوٽ هوندي آهي، چاهي داخلي هجي يا خارجي. سو جهڙي طرح الله پاڪ راهِ خُدا ۾ خرچ ڪرڻ جي راهِ ۾ خارجي سبب شيطان جي وسوسن جو رد ڪيو، اهڙي طرح داخلي اسباب کي بيان فرمائي ڪري ان جي حوالي سان رهنمائي فرمائي. داخلي

اسباب مان نفس جو لالچي ۽ ڪنجوس هجڻ آهي. الله پاڪ هن جي بُري صفت جي متعلق آگاهه فرمايو ۽ هن صفت کان نجات تي خوشخبري ٻڌائي، جيئن الله پاڪ فرمايو:

﴿وَ اُحْضِرَتِ الْاَنْفُسُ الشُّحَّ﴾ ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ دل کي لالچ جي ويجهو ڪيو ويو آهي. (سورةُ النسآء آيت 128) ان لالچ کان ڇوٽڪارو ماڻڻ جي فضيلت بيان فرمائي: ﴿وَمَنْ يُّوْقَ شُحَّ نَفْسِهٖ فَاُولٰٓىِٕكَ هُمُ الْمُفْلِحُوْنَ﴾ ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ جيڪو پنهنجي نفس جي لالچ کان بچايو ويو ته اهي ئي ماڻهو ڪامياب آهن (سيپارو 28، الحشر: 09) انهيءَ بُري صفت جي متعلق نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: شُحّ (يعني نفس جي لالچ) کان بچو، ڇو جو ان لالچ توهان کان اڳين امّتن کي هلاڪ ڪري ڇڏيو جو هن ئي انهن کي ناحق قتل ڪرڻ ۽ حرام ڪم ڪرڻ تي اڀاريو. ( مسلم، ص 1069، حديث: 6576) ائين ئي راهِ خُدا ۾ خرچ ڪرڻ ۾ ”بخل“ تمام وڏي داخلي قلبي رڪاوٽ آهي. الله پاڪ ان جي مذمت ڪندي ارشاد فرمايو: ﴿هٰٓاَنْتُمْ هٰٓؤُلَآءِ تُدْعَوْنَ لِتُنْفِقُوْا فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِۚ فَمِنْكُمْ مَّنْ يَّبْخَلُۚ وَ مَنْ يَّبْخَلْ فَاِنَّمَا يَبْخَلُ عَنْ نَّفْسِهٖؕ﴾ ترجمو ڪنزالعرفان: هائو هائو! اهي توهان آهيو جيڪي گهرايا وڃو ٿا ته جيئن توهان الله جي راهه ۾ خرچ ڪيو پوءِ توهان مان ڪو بخل ڪري ٿو ۽ جيڪو بخل ڪري اهو پنهنجي ئي جان سان بخل ڪري ٿو (سيپارو 26، محمد: 38) پنهنجي ئي جان تي بخل هيئن ڪندو آهي جو بخل ڪري خرچ ڪرڻ جي ثواب، غريبن جي دعائن، محتاجن جي محبت، نيڪَن ۾ نالو، سخين ۾ شمار، خُدا جي قرب ۽ جنّت جي بُلند درجات کان محروم ٿي ويندو ۽ بخل جو نقصان ڪٽندو.

**ترغيب جو ستون انداز:** نفس جي لالچ ۽ بخل جي پنيان ٻه هڪ سبب آهي، جيڪو انسان کي راهِ خُدا ۾ خرچ کان روڪيندو آهي ۽ اهو آهي ”مال جي محبت“ بلڪ مال جي محبت بين ڪيئي بُرائين جي پاڙ آهي. ان ڪري جيڪڏهن مال جي محبت دل مان نڪري وڃي يا گهٽ ٿي وڃي ته راهِ خُدا ۾ ڏيڻ آسان ٿي ويندو آهي. ان ڪري الله پاڪ نهايت حڪيمانا انداز سان مال جي محبت جي مذمت ۽ ماڻهن جو هن بُري صفت جو شڪار ٿيڻ جو بيان ڪيو، بهرحال الله پاڪ فرمايو:

﴿وَّتُحِبُّوْنَ الْمَالَ حُبًّا جَمًّا﴾ ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ مال سان نهايت گهڻي محبت رکو ٿا (سيپارو 30، الفجر: 20) هتي آيتن جي سياق و سباق جي اعتبار سان ڪافرن جي خصلت بيان ڪئي وئي آهي ته توهان مال سان تمام گهڻي محبت ڪيو ٿا جو ان کي خرچ ڪرڻ ئي نه ٿا چاهيو ۽ انهيءَ سبب يتيمن جي عزّت نٿا ڪيو، مسڪينن کي ڪاڌو نٿا کارايو، بين کي صدقو ۽ خيرات جي ترغيب نٿا ڏيو،

بلڪ ٻين جو مال ڪائي ويندا آهيو، انهن جي زمين، جائيداد، مال، وراثت ۽ ملڪيت تي قبضو ڪندا آهيو. بلڪ انهيءَ سبب سان قتل و غارت گري ڪندا آهيو. مطلب تہ فساد جي پاڙ يعني مال جي محبت جي وجهہ سان هر طرح جي خرابي پيدا ڪيو ٿا.

هڪ ٻئي مقام تي مال جي سبب غفلت ٿيڻ، مال جي ناپائيدار هجڻ ۽ قبر و آخرت جو فڪر ڏياريندي ارشاد فرمايو:

﴿ اَلْهٰكُمُ التَّكَاثُرُۙ(۱) حَتّٰى زُرْتُمُ الْمَقَابِرَؕ(۲) كَلَّا سَوْفَ تَعْلَمُوْنَۙ(۳) ثُمَّ كَلَّا سَوْفَ تَعْلَمُوْنَؕ(۴) ﴾ ترجمو كنزالعرفان: وڌيڪ مال جمع ڪرڻ جي طلب توهان کي غافل ڪري ڇڏيو ايستائين جو توهان قبرن جو منهن ڏٺو. هائو هائو هاڻي جلد ئي ڄاڻي ويندؤ. پوءِ يقيناً توهان جلد ئي ڄاڻي ويندؤ. (سيپارو 30، التكاثر: 1...4)

سبحان الله وبحمده، سبحان الله العظيم، الله پاڪ جي ڪيڏي مهرباني، رحمت، ڪرم نوازي ۽ بَنده پروَري آهي جو ٻانهن جي اصلاح و فلاح ۽ مخلوق جي بهتري ۽ خيرخواهي جي لاءِ ڪيتري قدر آسان انداز ۾ هڪ ئي حڪم کي بيان فرمايو. هي ئي اهو قرآني طريقو آهي جنهن جي متعلق الله پاڪ فرمايو:

﴿ وَلَقَدْ صَرَّفْنَا فِیْ هٰذَا الْقُرْاٰنِ لِیَذَّكَّرُوْاؕ ﴾ ترجمو كنزالعرفان: ۽ بيشڪ اسان هن قرآن ۾ هر نموني سان بيان فرمايو آهي جو اهي سمجهن. (سيپارو 15، بني اسرائيل: 41) يعني اسان هن قرآن ۾ نصيحت جون ڳالهيون باربار بيان فرمايون ۽ ڪيئي طرح سان بيان فرمايون، جيئن ڪڏهن دليلن سان، تہ ڪٿي مثالن سان، ڪٿي حڪمتن سان ۽ ڪٿي عبرتن سان ۽ انهن مختلف اندازن ۾ بيان ڪرڻ جو اصل مقصد هي آهي تہ ماڻهو ڪهڙي طرح نصيحت ۽ هدايت جي طرف اچن ۽ سمجهن. هي قرآني طريقو انساني نفسيات جي مطابق آهي جو ماڻهن سان انهن جي سمجهہ مطابق ڪلام ڪيو وڃي، ڇو جو ڪجهہ ماڻهو دليلن سان مڃيندا آهن ۽ ڪجهہ خوف سان ۽ ڪجهہ مثالن سان. ائين ئي ڪڏهن ڪڏهن هڪ ماڻهوءَ جي حالت ئي مختلف ٿيندي رهندي آهي، ڪڏهن ان کي ڌيڄاري ڪري سمجهائڻ فائدي مند هوندو آهي ۽ ڪڏهن نرميءَ سان، وغيره.

عنوان ۾ مذڪور آيت جي آخر ۾ فرمايو:

وَ اللّٰهُ یَقْبِضُ وَ یَبْصُۜطُ۪- ترجمو كنزالعرفان: ۽ الله تنگي ڏيندو آهي ۽ وسعت ڏيندو آهي. ڇو جو وسوسو پيدا ٿيندو آهي تہ مال خرچ ڪرڻ سان گهٽ ٿيندو آهي تہ ان شُبهي جو ازالو فرمائي ڇڏيو تہ الله پاڪ جنهن لاءِ چاهي روزي تنگ ڪري ڇڏي ۽ جنهن لاءِ چاهي، وسيع فرمائي ڇڏي، تنگي ۽ وسعت تہ ان جي قبضي ۾ آهي ۽ هو پنهنجي راهہ ۾ خرچ ڪرڻ واري سان وسعت جو واعدو ڪندو

آهي ته راهِ خُدا ۾ خرچ ڪرڻ کان نه ڊڄو، جنهن جي راهه ۾ خرچ ڪري رهيا آهيو، هو ڪريم آهي ۽ ان جا خزانا ڀريا پيا آهن ۽ جود و بخشش جا خزانا لُٽائڻ ان ڪريم جو شان آهي. حضرت ابوهريره رضی اللہ عنہ کان روايت آهي، نبي ڪريم صَلَّی اللہ علیہ والہٖ وسلَّم جن ارشاد فرمايو: رحمٰن جو دستِ قدرت ڀريل آهي، بي شمار ۽ بي حساب رحمتون ۽ نعمتون ائين وَسائڻ وارو آهي جو ڏينهن رات (جي عطا فرمائڻ) ان ۾ ڪجهه گهٽ نه ڪيو ۽ ڏسو ته آسمانن ۽ زمين جي پيدائش کان هاڻي تائين الله پاڪ ڪيترو خرچ ڪري ڇڏيو آهي، پر ان جي باوجود ان جي دستِ قدرت ۾ جيڪي خزانا آهن، انهن ۾ ڪجهه ڪَمي ناهي آئي.

(ترمذی، 5 / 34، حديث:3056)

**دعا:** الله پاڪ اسان جي دلين مان حرص ۽ هوس، بخل ۽ مال و دنيا جي محبت پري ڪري پنهنجي محبت عطا فرمائي، اسان کي آخرت جي تياري جو جذبو ۽ پنهنجي راهه ۾ خرچ ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

آمِیْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللہ علیہ والہٖ وسلَّم



# دارُالافتاء اَهلِسنّت

## (1) تڪبيرِ تحريمه ۾ هٿ نه کڻڻ تي سجدو سهو لازم ٿيندو يا نه؟

سوال: ڇا ٿا فرمائن عالم ۽ مفتي سڳورا هن مسئلي جي باري ۾ ته جيڪڏهن تڪبيرِ تحريمه جي لاءِ ويسر سبب هٿ نه کنيا، فقط زبان سان ”الله اڪبر“ چئي ڇڏيو ته ڇا حڪم آهي؟ سجدو سهو ٿيندو يا نه؟

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

اَلۡجَوَابُ بِعَوۡنِ الۡمَلِكِ الۡوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الۡحَقِّ وَالصَّوَابِ

شريعت جي قانون جي مطابق سجدو سهو، ويسر مان نماز جو ڪو واجب رهجي وڃڻ سان واجب ٿيندو آهي، سنتن ۽ مستحبن جي ترڪ سان واجب ناهي ٿيندو ۽ تڪبيرِ تحريمه جي لاءِ ٻئي هٿ کڻڻ سُنتِ مؤڪده آهي، واجب ناهي، لهٰذا سهواً(يعني ويسر جي ڪري) ان جي ترڪ سان سجدو سهو واجب نه ٿيندو ۽ گناه به نه ٿيندو، البته سُنتِ مؤڪده جي حڪم جي مطابق ڄاڻي واڻي هڪ اڌ ڀيرو تڪبيرِ تحريمه جي لاءِ هٿ نه کڻڻ جيتوڻيڪ گناه ناهي پر قابلِ ملامت ضرور آهي ۽ بلاعذر ان جي عادت بڻائڻ گناه آهي.

وَاللّٰهُ اَعۡلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوۡلُهٗ اَعۡلَم صلَّی اللہ علیه واٰلِهٖ وسلَّم

ڪتبہ

مفتي فضيل رضا عطاري

## (2) ويسر ۾ سورت فاتحه جي جڳهه ڪا ٻي سورت شروع ڪري ڇڏيون ته ياد اچڻ تي ڇا ڪرڻو پوندو؟

سوال: ڇا ٿا فرمائن عالم ۽ مفتي سڳورا هن مسئلي جي باري ۾ ته جيڪڏهن نماز ۾ سورت فاتحه پڙهڻ جي بجائي ويسر مان ڪا ٻي سورت شروع ڪري ڇڏي، پوءِ ياد آيو ته هاڻي ڇا حڪم آهي؟.

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

اَلۡجَوَابُ بِعَوۡنِ الۡمَلِكِ الۡوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الۡحَقِّ وَالصَّوَابِ

فرض جي پهرين، ٻي رڪعت ۽ باقي تمام نمازن جي ڪنهن به رڪعت ۾ فاتحه جي بجائي ويسر مان ڪا سورت شروع ڪري ڇڏي ته هن حوالي سان حڪم جي تفصيل هي آهي ته: (1) جيڪڏهن رڪن جي

اَدائيگي جي مقدار(يعني محتاط قول جي مطابق هڪ اهڙي آيت جيڪا گهٽ ۾ گهٽ ڇهه حرف تي مشتمل هجي ۽ صرف هڪ ڪلمي جي نه هجي،) پڙهڻ کان پهريان ئي ياد اچي وڃي ته سورت فاتحه ناهي پڙهي، ته فوراً سورت فاتحه شروع ڪيو، پوءِ سورت ملايو ۽ هن صورت ۾ سجدو سهو به لازم نه ٿيندو. (2) جيڪڏهن رڪن جي ادائيگي جي مقدار يا ان کان وڌيڪ پڙهڻ کان بعد ۽ رڪوع کان پهريان ياد اچي وڃي، ته حڪم اِهو آهي ته سورت فاتحه پڙهو، پوءِ بيهر سورت ملايو ۽ آخر ۾ سجدو سهو ڪيو. (3) جيڪڏهن رڪوع ۾ يا رڪوع کان اٿڻ کا بعد سجدي کان پهريان ياد آيو، ته واپس اچي ڪري سورت فاتحه پڙهو، پوءِ سورت ملايو، بيهر رڪوع ڪيو ۽ آخر ۾ سجدو سهو ڪيو. (4) ۽ جيڪڏهن سجدي ۾ وڃڻ تائين ياد نه اچي، ته آخر ۾ سجدو سهو ڪرڻ ڪافي آهي.

خيال رهي سجدي کان پهريان ياد اچڻ جي صورت ۾ جيڪڏهن قراءت مڪمل نه ڪئي يعني سورت فاتحه ۽ ان کان بعد سورت نه پڙهي، ته هي قصداً ترڪِ واجب ٿيندو تنهنڪري نماز بيهر پڙهڻ واجب ٿيندي ۽ جيڪڏهن رڪوع ۾ يا رڪوع کان بعد ياد آيو ۽ بيهي ڪري قرائت مڪمل ڪري ورتي، ته رڪوع کان بعد واري قرائت، پهرين کان ملي ڪري هي سڄي قرائت فرض واقع ٿيندي ۽ پهريان وارو رڪوع معتبر نه رهندو، انڪري هاڻي رڪوع بيهر نه ڪيو، ته فرض ترڪ ٿيڻ جي ڪري نماز ئي فاسد ٿي ويندي. پڻ جتي سجده سهو جو حڪم آهي اُتي جيڪڏهن سجده سهو نه ڪيو، ته نماز بيهر پڙهڻ واجب آهي.

وَاللهُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَرَسُوْلُهٗ اَعْلَم صلَّی اللہ علیہ والہٖ وسلَّم

| مجيب | مصدق |
|---|---|
| مولانا محمد سرفراز اختر عطّاري | مفتي فضيل رضا عطاري |

## (3) ٻار جي وصال کان بعد عقيقو ٿي سگهي ٿو يا نه؟

سوال: ڇا ٿا فرمائن عالم ۽ مفتي سڳورا هن مسئلي جي باري ۾ ته ٻار جي وفات کان بعد ان جو عقيقو ٿي سگهي ٿو يا نه؟؟

بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

اَلْجَوَابُ بِعَوْنِ الْمَلِكِ الْوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الْحَقِّ وَالصَّوَابِ

عقيقو، ٻار جي پيدائش جي صورت ۾ الله جي عطا ڪيل نعمت جي شڪراڻي جي طور تي ڪيو ويندو آهي. ڇوته ٻار جي وفات کان هي نعمت زائل ٿي ويندي آهي ۽ نعمت زائل ٿي وڃڻ کان بعد ان جي شڪراڻي جو موقعو ناهي رهندو، لهٰذا ٻار جو عقيقو سندن زندگي ئي ۾ ٿي سگهي ٿو، ان جي وفات کان بعد

نئو تي سگهي.

وَاللّٰهُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوْلُهٗ اَعْلَم صلّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلّم

ڪتبه

مفتي فضيل رضا عطّاري

## (4) ڇا مسجد جي تعمير ۾ حصو ملائڻ جي منت( باس) پوري ڪرڻ لازم آهي؟

سوال: ڇا ٿا فرمائن عالم ۽ مفتي سڳورا هن مسئلي جي باري ۾ ته ڪجھ سال پهريان منهنجي دوست مون کان قرض ورتو هيو، ڪيئي ڀيرا ڪوشش جي باوجود قرض وصول نه ٿيو ته مون باس باسي ته جيڪڏهن منهنجو قرض واپس ملي ويو ته مان ڏهه هزار روپيه پنهنجي شهر جي جامع مسجد جي تعمير جي لاءِ ڏيندس، هاڻي قرض وصول ٿي چڪو آهي ته ڇا شرعاً هن منت کي پورو ڪرڻ لازم آهي؟

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

اَلۡجَوَابُ بِعَوۡنِ الۡمَلِكِ الۡوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الۡحَقِّ وَالصَّوَابِ

منت جي لازم هجڻ جي شرائط مان اهو به آهي ته جنهن شيءِ جي باس باسي رهيا آهيو اها عبادتِ مقصود هجي ۽ ان جي جنس مان ڪو فرض يا واجب هجي ۽ مسجد جي تعمير ۾ رقم ڏيڻ عبادتِ مقصوده نه آهي ۽ نه ان جي جنس مان ڪو فرض يا واجب آهي، بلڪ هي هڪ مستحب ڪم آهي، لهٰذا پڇيل صورت ۾ اوهان تي پنهنجي شهر جي جامع مسجد جي تعمير ۾ رقم ڏيڻ شرعاً لازم ناهي، پر ڏيندا ته سٺو آهي جو مسجد جي تعميرات ۾ حصو وٺڻ ثواب جو ڪم آهي.

وَاللّٰهُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوْلُهٗ اَعْلَم صلّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلّم

| مجيب | مصدق |
|---|---|
| مولانا محمد سرفراز اختر عطّاري | مفتي فضيل رضا عطاري |

## (5) ڪنهن جو سلام پهچائڻ ڪڏهن لازم آهي؟

سوال: ڇا ٿا فرمائن عالم ۽ مفتي سڳورا هن مسئلي جي باري ۾ ته جيڪڏهن ڪو شخص ڪنهن کي چئي ته "فلاڻي کي منهنجو سلام چئجان" ته ڇا هي سلام پهچائڻ، اُن تي لازم ٿيندو؟

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

اَلۡجَوَابُ بِعَوۡنِ الۡمَلِكِ الۡوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الۡحَقِّ وَالصَّوَابِ

جيڪڏهن ڪو شخص ڪنهن کي چئي ته "فلاڻي کي منهنجو سلام چئجان" ته ان تي هي سلام پهچائڻ انهيءَ صورت ۾ واجب آهي جڏهن ان جواب ۾ سلام پهچائڻ جو التزام ڪري ورتو هجي يعني چئي ڇڏيو هجي ته ها اوهان جو سلام چئي ڇڏيندس ۽ جيڪڏهن پهچائڻ جو التزام نه ڪيو، ته واجب ناهي.

وَاللّٰهُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوْلُهٗ اَعْلَم صلّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلّم

ڪتبه

مفتي فضيل رضا عطّاري



# اسلامي ڀينرن جا شرعي مسئلا

## (1) ناپاڪ زمين پکي جي هوا کان سُڪي وڃي ته پاڪ ٿي ويندي؟

**سوال:** ڇا ٿا فرمائن عالم ۽ مفتي سڳورا هن مسئلي جي باري ۾ ته ننڍو ٻار ڪمري ۾ پيشاب ڪري ڇڏي ته ڪمري ۾ اُس ته ناهي ايندي جو پيشاب ان کان سُڪي وڃي، البته پکي جي هوا سان سُڪي ويندو ته ڇا اُن کان به زمين پاڪ ٿي ويندي؟

بِسۡمِ اللهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

اَلۡجَوَابُ بِعَوۡنِ الۡمَلِكِ الۡوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الۡحَقِّ وَالصَّوَابِ

ناپاڪ زمين جيڪڏهن سُڪي وڃي ۽ ان مان نجاست جو اثر يعني رنگ ۽ بدبوءِ ويندي رهي، ته اها پاڪ ٿي ويندي آهي ۽ ان جو اُس جي ذريعي ئي سُڪڻ ضروري ناهي، بلڪ اُس کان علاوه باهه يا هوا وغيره سان سُڪي وڃي تڏهن به پاڪ ٿي ويندي، لهٰذا پڇيل صورت ۾ جيڪڏهن پيشاب جي جاءِ پکي جي هوا وغيره سان سُڪي وئي ۽ ان سان نجاست جو اثر به ختم ٿي ويو، ته اها جاءِ پاڪ ٿي وئي، خيال رهي زمين جي پاڪائي جو هي حڪم تيمم کان علاوه نماز وغيره ٻين مسئلن ۾ آهي، تيمم جي حق ۾ ناهي يعني هن مٽيءَ مان تيمم نٿو ٿي سگهي. وَاللّٰهُ اَعۡلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَرَسُوۡلُهٗ اَعۡلَم صلَّی اللہ علیہ والہٖ وسلَّم

مجيب: مولانا محمد سرفراز اختر عطّاری

مصدق: مفتی فضیل رضا عطّاری

## (2) زال مڙس ۾ عليحدگي کان بعد ڏاج ڪنهن جو ٿيندو؟

**سوال:** ڇا ٿا فرمائن عالم ۽ مفتي سڳورا هن مسئلي جي باري ۾ ته زال مڙس ۾ جدائي ٿي وڃي ته ڏاج جي متعلق شرعي حڪم ڇا آهي؟ يعني عورت جيڪو سامان پنهنجي گهران آندو ۽ جيڪو ان کي ڇوڪري وارن ڏنو آهي مثلاً زيور، سامان وغيره، اهو ڪنهن جو ٿيندو.؟

بِسۡمِ اللهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

اَلۡجَوَابُ بِعَوۡنِ الۡمَلِكِ الۡوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الۡحَقِّ وَالصَّوَابِ

ڏاج عورت جي ملڪيت آهي، اهائي

ڪٽندي چوته والدين ڏاج پنهنجي ڌيءَ کي
مالڪ بڻائي ڏيندا آهن.

مڙس يا ان جي گهر وارن جي طرفان ملڻ وارو سامان ۽ زيورن وغيره جون ٽي صورتون آهن:

(1) مڙس يا ان جي گهر وارن واضح طور تي عورت کي سامان ۽ زيورَ ڏيڻ وقت مالڪ بڻائيندي قبضو ڏنو هو.

(2) مڙس يا ان جي گهر وارن واضح طور عورت کي سامان ۽ زيور عاريتاً (يعني عارضي استعمال جي لاءِ) ڏنا هئا.

(3) مڙس يا ان جي گهر وارن ڏيڻ وقت ڪجھ به نه چيو هو. پهرين صورت ۾ عورت سامان ۽ زيورات جي هبه يعني گفٽ ڪئي وڃڻ جي سبب مالڪ آهي، انهيءَ کي هي سڀ ڏنو ويندو. ٻي صورت ۾ جنهن ڏنو اهو ئي مالڪ آهي، اهو واپس وٺي سگهي ٿو. ۽ ٽئين صورت ۾ مڙس جي خاندان جو رواج ڏٺو ويندو، جيڪڏهن اهي عورت کي انهن شين جو مالڪ بڻائن ٿا ته عورت کي ڏنو ويندو نه ته اها حقدار ناهي، ان کان واپس ورتو ويندو.

وَاللّٰهُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَرَسُوْلُهٗ اَعْلَم صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم

ڪتبه

مفتي فضيل رضا عطاري





# جنت واجب ڪرڻ واريون نيڪيون

مولانا مُحمد نواز عطّاري مدني

اي عاشقانِ رسول! جنت واجب ڪرڻ واريون ڪجھ نيڪيون گذريل قسطن ۾ بيان ٿي چڪيون آهن، وڌيڪ ڪجھ نيڪين جي متعلق 5 فرامينِ مصطفيٰ صَلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم پڙهو.

(1) جيڪو شخص هڪ ڏينهن ۾ ويهه مسلمانن کي سلام ڪري چاهي گڏ ئي ويهن کي سلام ڪري يا وري هڪ هڪ ڪري ويهن کي، پوءِ ان ڏينهن ان جو انتقال ٿي وڃي ته ان جي لاءِ جنت واجب ٿي ويندي آهي. ۽ رات ۾ سلام ڪري ۽ رات ئي ۾ ان جو انتقال ٿي وڃي تڏهن به انهيءَ جي مثل بشارت آهي.[1]

(2) جنهن جي هٿ تي ڪو شخص اسلام آڻي ته ان جي لاءِ جنت واجب ٿي وئي.[2]

(3) جيڪو مسجدِ اقصيٰ کان مسجد حرام تائين حج يا عمري جو احرام ٻڌي (هن طرح جو پهريان بيت المقدس جي زيارت ڪري، پوءِ اتان کان حج يا عمري جو احرام ٻڌي ڪري مڪي شريف حاضر ٿي ڪري حج يا عمرو ڪري) ته ان جا اڳيان پويان گناهه بخشيا ويندا آهن يا ان جي لاءِ جنت واجب ٿي ويندي آهي.[3] هي شڪ راوي جو آهي ته حضور صَلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم مغفرت جو وعدو فرمايو يا جنت عطا ڪرڻ جو. هن مان معلوم ٿيو ته جيتري قدر پري کان احرام ٻڌبو اوترو وڌيڪ ثواب ملندو.[4]

(4) رسول الله صَلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم پنهنجي ڪجھ صحابہ ڪرام علیھم الرِّضوان وٽان گذريا ته ارشاد فرمايائون: مان توهان تي ”سُورَۃُ الزُّمر“ جون آخري آيتون پڙهان ٿو، توهان مان جيڪو روئندو ان جي لاءِ جنت واجب ٿي ويندي، پوءِ سرڪار دوعالم صَلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم انهن جي سامهون ”وَمَا قَدَرُوا اللّٰہَ حَقَّ قَدْرِہٖ“ کان وٺي ڪري

سورت جي آخر تائين پڙهيو، صحابہ ڪرام جو چوڻ آهي تہ اسان مان ڪجھ تہ رُنا پر ڪجھ کي ڳوڙها نہ آيا، تہ جيڪي ماڻهو روئي نہ سگهيا هئا انهن عرض ڪيو تہ اسان روئڻ جي ڪوشش تہ ڪئي پر روئي نہ سگهياسين، تنهن تي پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: مان انهن آيتن کي توهان تي ٻيهر پڙهان ٿو، تہ جنهن کي روئڻ نہ اچي اهو روئڻ جهڙي صورت بڻائي. (5)

(5) جنهن شخص رات يا ڏينهن ۾ سورت حشر جون آخري (ٽي) آيتون پڙهيون ۽ انهيءَ ڏينهن يا رات ۾ ان جو وصال ٿي ويو تہ ان جنت کي واجب ڪري ورتو. (6)

قارئين ڪرام! رضاءِ الٰهي جي لاءِ الله پاڪ کان جنت ملڻ جي اُميد رکندي جنت واجب ڪرڻ وارين نيڪين تي عمل ڪيو پر گڏو گڏ اُن ڳالھ کي بہ لازمي ذهن ۾ رکو تہ حڪيم الامت حضرت مفتي احمديارخان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: نيڪ اعمال جنت حاصل ٿيڻ جي سببن ۾ علتِ تام(مڪمل سبب) ناهي وڏا وڏا نيڪ ماڻهو ڀٽڪي پوندا آهن. (7)

الله پاڪ اسان سڀني جو ايمان تي خاتمو فرمائي ۽ بلاحساب جنت الفردوس ۾ داخلا نصيب فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

---

(1)معجم ڪبير،321/13، حديث:14117

(2)مسند شہاب،1/ 288، حديث: 472

(3)ابوداؤد،201/2، حديث: 1741

(4)مرأة المناجيح،99/4

(5)معجم ڪبير،348/2،حديث:2459

(6)شعب الايمان،492/2،حديث: 2501

(7)مرأة المناجيح،385/3



# رسولِ پاڪ جا ڏوهٽا حضرت امام حسين رَضِیَ اللہُ عَنْہ

اويس يامين عطّاري

قارئينِ ڪرام! الله پاڪ جي آخري نبي، محمد عربي صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: شَعْبَانُ شَهْرِیْ يعني شعبان منهنجو مهينو آهي. (جامع صغير، ص301، حديث:4889) شعبانُ المعظم جي مبارڪ مهيني کي جتي نبي پاڪ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم سان نسبت حاصل آهي اتي پاڻ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جي ڏوهٽي حضرت امام حسين رَضِیَ اللہُ عَنْہ سان بہ نسبت حاصل آهي جو ان مهيني ۾ پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہ جي ولادت ٿي، اچو! هن مناسبت سان امام حسين رَضِیَ اللہُ عَنْہ جي ننڍپڻ جي باري ۾ پڙهي ڪري پنهنجي دلين کي محبتِ صحابہ ۽ اهلبيت سان روشن ڪيون ٿا:

## مختصر تعارف:

پاڻ حضرت فاطمہ ۽ علي رَضِیَ اللہُ عَنْہُمَا جا پٽ، حضرت امام حسن جا ڀاءُ ۽ حُضورِ انور صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جا ڏوهٽا آهن. پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہ جي ولادت 5 شعبانُ المعظم 4 هجري جو مديني پاڪ ۾ ٿي.(1)

## ولادت کان بعد ڪرم نوازي:

حضرت ابو رافع رَضِیَ اللہُ عَنْہ جو بيان آهي تہ جڏهن امام حسين رَضِیَ اللہُ عَنْہ پيدا ٿيا تہ رسولِ ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم سندن ڪَن ۾ اذان ڏني. (2)

## سُتي ڏني ۽ نالو رکيائون:

پياري آقا صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جن پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہ کي سُتي ڏني، سندن نالو ”حسين“ رکيو ۽ کين پنهنجو پٽ چيائون.(3)

## عقيقو ڪيائون:

حضورِ اڪرم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جن ٻن ڪِهيٽن جي ذريعي پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہ جو عقيقو ڪيائون ۽ حضرت فاطمہ رَضِیَ اللہُ عَنْہَا کي پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہ جو مٿو ڪوڙڻ ۽ مٿي جي وارن جي برابر چاندي صدقو ڪرڻ جو حڪم ڏنائون. (4)

## کُلهي تي سوار فرمايائون:

حضرت ابوهريره رَضِیَ اللہُ عَنْہ بيان ڪن ٿا تہ

نبي ڪريم ﷺ حضرت امام حسن ۽ حضرت امام حسين سان گڏ گهران ٻاهر نڪتا، پاڻ ﷺ هڪ ڪُلهي تي حضرت امام حسن کي ۽ ٻئي ڪُلهي تي حضرت امام حسين کي سوار فرمائي رکيو هو، رحمتِ عالَم ﷺ ڪڏهن امام حسن کي چُمندا ته ڪڏهن امام حسين کي چُمندا هئا ايستائين جو اسان وٽ تشريف وٺي آيا. (5)

## حضور جي شفقت ۽ محبت:

حضرت ابوهريره رضي الله عنه فرمائن ٿا ته اسان نبي پاڪ ﷺ سان گڏ عشا جي نماز پڙهي رهيا هئاسين، جڏهن پاڻ ﷺ سجدي ۾ ويا ته امام حسن ۽ امام حسين سندن جي مبارڪ پُٺيءَ تي چڙهي ويا، پاڻ ﷺ سجدي مان مٿو مبارڪ ڪڍندي انهن ٻنهي کي پنهنجي هٿ سان آرام سان لاهي ڇڏيو، جڏهن پاڻ ٻيهر سجدو ڪيائون ته انهن ٻنهي ٻيهر اهڙيءَ طرح ڪيو ايستائين جو پاڻ ﷺ جن نماز پوري ادا فرمائي ۽ انهن ٻنهي کي پنهنجي رانُن تي ويهاريو، مان حضورِ اڪرم ﷺ وٽ آيُس ۽ عرض ڪيُم: يا رسولَ الله ﷺ! ڇا مان هنن ٻنهي کي هنن جي والده وٽ ڇڏي اچان؟ پاڻ ﷺ جن فرمايو: نه. جڏهن هڪ روشني چمڪي ته پاڻ انهن ٻنهي کي فرمايو ته پنهنجي ماءُ وٽ هليا وڃو، ته روشني ان وقت تائين رُڪي رهي جيستائين امام حسن ۽ امام حسين گهر ۾ داخل نه ٿي ويا. (6)

## فضائل ۽ مناقب:

پياري آقا ﷺ پاڻ رضي الله عنه کي پنهنجي هنج ۾ ويهاريائون، سونگهيائون، پنهنجي سيني سان لاتائون، پنهنجي مبارڪ چادر ۾ ورتائون، سندن کي جنّتي جوانن جو سردار ۽ دنيا ۾ پنهنجو گُل فرمايائون.(7) فرمانِ مصطفٰي ﷺ آهي: حسين مون مان آهي ۽ مان حسين مان آهيان، الله پاڪ ان سان محبت فرمائيندو آهي جيڪو حسين سان محبت ڪري.(8) رسولِ ڪريم ﷺ جن حضرت فاطمه رضي الله عنها جي عرض ڪرڻ تي پاڻ رضي الله عنه کي پنهنجي وراثت مان شجاعت ۽ سخاوت عطا فرمائي.(9) نبي ڪريم ﷺ الله پاڪ جي بارگاهه ۾ عرض ڪيو: اي الله! مان هن (يعني امام حسين رضي الله عنه) سان محبت ڪريان ٿو تون به هن سان محبت فرماءِ ۽ جيڪو هن سان محبت ڪري ان سان به محبت فرماءِ. (10)

## جيڪا ڳالهه ڪم جي نه هجي ان کي ڇڏي ڏيو:

پاڻ رضي الله عنه کان ڪيئي مبارڪ حديثون به مروي آهن.(11) بهرحال هڪ روايت ۾ پاڻ رضي الله عنه فرمائن ٿا ته پياري آقا ﷺ جن فرمايو: انسان جي اسلام جي خوبي هي آهي ته فضول ۽ بيڪار ڳالهيون ڇڏي ڏي. (12)

## شهادت:

نبي پاڪ ﷺ جي ظاهري وصال جي وقت پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہ تقريباً 6 سال 6 مهينن جا هئا، پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہ 56 سال 5 مهينن جي عُمر ۾ 10 مُحرمُ الحرام 61ھ جو جامِ شهادت نوش فرمايائون. (13)

الله پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.

**نوٽ:** امام حسين رَضِیَ اللہُ عَنْہ جي سيرت جي باري ۾ وڌيڪ ڄاڻڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ جو 41 صفحن جو رسالو ”امام حسين جون ڪرامتون“ پڙهندا.

---

1 معجم الصحابہ للبغوی، 14/2
2 معجم کبیر، 313/1، حدیث:926
3 مسند بزار، 315/2، حدیث:743-مستدرک، 154/4، 155، حدیث: 4826، 4829
4 نسائی، ص688، حدیث: 4225- الطبقات الکبیر لابن سعد، 355/6
5 مستدرک، 156/4، حدیث: 4830
6 مسند احمد، 592/3، حدیث: 10664- مستدرک، 158/4، حدیث: 4835
7 مسند احمد، 184/10، حدیث: 26602- ترمذی، 426/5، 427، 428، 433، حدیث: 3793، 3795، 3797، 3812
8 ترمذی، 429/5، حدیث:3800
9 معجم کبیر، 423/22، حدیث:1041
10 ترمذی، 427/5، حدیث: 3794
11 اصابہ فی تمییز الصحابہ، 68/2
12 مسنداحمد، 429/1، حدیث:1737
13 مستدرک، 172/4، سوانح کربلا، ص170۔

# ٻارن ۽ ٻارڙين جا 6 نالا

سرڪارِ نامدار، مديني جي تاجدار صَلَّی اللہ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم !فرمايو: انسان سڀ کان پهريون تحفو پنهنجي ٻار کي نالي جو ڏيندو آهي تنهنڪري سندس گهرجي ته ان جو سٺو نالو رکي. (جمع الجواع، 285/3، حديث: 8875) هتي ٻارن ۽ ٻارڙين جا 6 نالا، انهن جي معنيٰ ۽ نسبتون پيش ڪيون ٿيون وڃن.

## ٻارن جا 3 نالا

| نالو | پڪارڻ جي لاءِ | معنيٰ | نسبت |
|---|---|---|---|
| محمد | عَبۡدُ الۡقُدّوس | هر عيب کان پاڪ جو ٻانهو | الله پاڪ جي صفاتي نالي جي طرف لفظِ عبد جي اضافت سان. |
| محمد | ادريس | درس ڏيڻ وارو | الله جي نبي عَلَيۡهِ السَّلَام جو نالو مبارڪ. |
| محمد | عثمان | ڪوشش ڪرڻ وارو | مسلمانن جي ٽئين خليفي جو نالو مبارڪ. |

## ٻارڙين جا 3 نالا

| | | |
|---|---|---|
| حفصہ | خوبصورت | ام المومنين رضی اللہ عنہ جو بابرڪت نالو |
| عَذۡبَہ | مٺي نهر/ شفاف پاڻي | سرڪار صَلَّی اللہ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم !جي صحابيہ جو نالو مبارڪ. |
| حَمۡنَہ | طائف جي ڪاري ڳاڙهائڻ مائل انگورن جو هڪ قسم. | سرڪار صَلَّی اللہ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم !جي صحابيہ جو نالو مبارڪ. |

(جن وٽ پٽ يا ڌيءُ جي ولادت ٿئي اهي چاهن ته هنن نسبت وارن 6 نالن مان ڪو هڪ نالو رکن.)







تاريخ جاورق

# فلسطين جي تاريخي ومذهبي حيثيت

مولانا آصف اقبال عطاري مدني

نظرثاني: نواز

فلسطين جي سر زمين ديني ۽ تاريخي لحاظ سان وڏي اهميت جي حامل آهي. ان بابرڪت خطي ۾ حضراتِ انبياءِ ڪرام جي مقدس مزارن سان گڏوگڏ ٻيون يادگيرون به قائم آهن. نبي پاڪ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي دنيا ۾ تشريف وٺي اچڻ کان بعد فاروقِ اعظم جي دور ۾ 15 هجري بمطابق 636 عيسوي تي هي علائقو مسلمانن فتح ڪيو. (فيضان فاروق اعظم، 810/2) جيتوڻيڪ ان جي موجوده جغرافيائي صورتِ حال تبديل ٿي چڪي آهي، هن مضمون ۾ گهڻي قدر قديم فلسطين جا تاريخي احوال ۽ بيتُ المقدس جي تاريخ، اهميت ۽ فضائل بيان ڪيا ويندا.

هڪ زمانو اهو هو جو جڏهن ماڻهو ضرورياتِ زندگي جي سبب هڪ جڳهه کان ٻي جڳهه هجرت ڪندا رهندا هئا، اهڙين ئي قومن مان ڪَنعاني قوم جا ماڻهو 2500 قبل مسيح فلسطين ۾ اچي ڪري آباد ٿيا، انهن کان بعد 2000 قبل مسيح ۾ حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام اتي تشريف وٺي آيا. امام بيضاوي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه روايت نقل ڪن ٿا ته حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام حضرت لوط عَلَيْهِ السَّلَام ۽ پنهنجي گهرواري حضرت ساره رَضِىَ اللّٰهُ عَنْهَا سان گڏ حَرَّان ڏانهن هجرت فرمائي، پوءِ اتان کان مُلڪِ شام پهتا ۽ فلسطين ۾ قيام فرمايائون. (تفسير بيضاوى، العنكبوت، تحت الآية: 26، ص399) پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام پنهنجي هڪ پٽ حضرت اسماعيل عَلَيْهِ السَّلَام کي مڪي شريف ۾ جڏهن ته ٻي پُٽ حضرت اسحاق عَلَيْهِ السَّلَام کي بيتُ المقدس ۾ آباد ڪيو، جن جو انتقال اتي ئي ٿيو. امام قُرطبي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه لکن ٿا: ته حضرت اسحاق عَلَيْهِ السَّلَام جو وصال ارضِ مقدس (فلسطين) ۾ ٿيو ۽ اهي پنهنجي والد حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام وٽ دفن ٿيا. (تفسيرقرطبى، البقرة، تحت الآية:132، 104/1) حضرت اسحاق عَلَيْهِ السَّلَام جي نسل مبارڪ مان ڪثرت سان انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام ان علائقي ۾ تشريف وٺي آيا، اها

ئي وجهه آهي جو فلسطين کي سر زمينِ انبياء چيو ويندو آهي ۽ معراج واري رات الله پاڪ جي آخري نبي محمد عربي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فلسطين (مسجدِ اقصيٰ) ۾ تشريف آڻي ڪري ان خطي کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا. حضرت يعقوب عَلَيْهِ السَّلَام جي وصال ڪان بعد جسدِ اقدس کي مصر کان فلسطين آڻي ڪري سندن والدِ گرامي حضرت اسحاق عَلَيْهِ السَّلَام جي ويجهو دفنايو ويو. (تفسير خازن، يوسف، تحت الاية:100، 46/3)

## فلسطين جا مشهور مقامات

زمين جي ڪنهن خطي جي شهرت ۾ اتان جي شخصيات، يادگار مقامات ۽ مقدس نسبت وارين جڳهن جي بنيادي حيثيت هوندي آهي، سر زمينِ فلسطين کي ڪيئي انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام ۽ انهن سان نسبت رکڻ وارن مقدس مقامن ۽ مُتبرڪ شهرن جي ڪري وڏي شهرت حاصل ٿي. هتي ڪجهه شهرن ۽ مقامات جو ذڪرِ خير ڪيو پيو وڃي:

**(1) القُدس:** هي فلسطين جو سڀ کان مشهور شهر آهي، هن کي بيتُ المقدس به چيو ويندو آهي ۽ يروشلم (Jerusalem) به. امام قَزويني هن شهر جون ڪوڙ خوبيون بيان ڪيون آهن هي اهو مشهور شهر آهي جنهن جو بنياد حضراتِ انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام رکيو، هتي مستقل قيام فرمايو، هتي وحي جو نزول ٿيو، حضرت عبدُ الله بن عباس رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا کان مروي آهي ته "بيتُ المقدس کي نبين سڳورن عَلَيْهِمُ السَّلَام ناهيو ۽ هتي رهائش اختيار فرمائي، هن شهر ۾ هڪ گرانٺ به اهڙي جڳهه ناهي جتي ڪنهن نبي نماز نه پڙهي هجي يا قيام نه فرمايو هجي." حضرت سليمان عَلَيْهِ السَّلَام جي زماني ۾ اهو شهر پنهنجي دور جو تمام خوبصورت شهر هو، پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام شاندار تعميراتون ڪرايون، انهيءَ شهر ۾ مسجدِ اقصيٰ آهي جنهن کي الله پاڪ عظمت ۽ شرافت سان نوازيو ۽ قُبَّةُ الصَّخرة آهي جنهن سان اسلاميياديون وابسطه آهن. هتي جابر بادشاهن قبضا به ڪيا ۽ نقصان به پهچايو. حضرت عُزير عَلَيْهِ السَّلَام جو قرآني واقعو به انهيءَ علائقي ۾ پيش آيو، هتان جي موسم درمياني آهي، عمارتون نهايت خوبصورت ۽ مسجدون تمام صاف سٿريون آهن، هتي حضور نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو بُراق ٻَڌو ويو هو، هتي حضرت بي بي مريم رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جو محراب آهي جتي انهن کي بنا موسم جي ميوا عطا ٿيندا هئا، حضرت زڪريا عَلَيْهِ السَّلَام کي هتي پُٽ يعني يحيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي بشارت ڏني وئي. (آثار البلاد واخبارالعباد، ص159-163ماخوذاً) هي اهو ئي

شهر آهي جتي ميدانِ محشر قائم ٿيندو.
حضرت سَمُره بن جُندب رضی اللہ عنہ بيان ڪن ٿا ته رسولُ الله صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اسان کي ارشاد فرمايو: بيتُ المقدس ۾ توهان جو حشر ٿيندو پوءِ قيامت جي ڏينهن توهان کي جمع ڪيو ويندو. (معجم کبير،264/7، حديث: 7076)

**(2) الخليل (حَبْرون):** فلسطين ۾ القدس کان بعد هي شهر سيني کان مقدس سمجهيو ويندو آهي ڇو جو هتي مسجدِ ابراهيم الخليل واقع آهي جنهن ۾ حضرت ابراهيم ۽ حضرت اسحاق عليهما السّلام سميت آلِ ابراهيم جي ٻين مقدس هستين جون مزارون موجود آهن.

هتي پهريان هڪ غار (تاريخ الاسلام لذہبی، 35/ 280) هو جيڪو حضرت ابراهيم خليلُ الله عليه السّلام جن 400 مثقال سون ۾ خريد ڪيو هو، پهريان حضرت ساره رضی اللہ عنہا جي هتي تدفين ٿي ۽ بعد ۾ حضرت ابراهيم عليه السّلام کي به هتي ئي دفن ڪيو ويو. (قصص الانبياء لابن کثير، ص236، 237)

**(4) بيت لَحْم:** هي ڳوٺ فلسطين جو اهو مقام آهي جتي حضرت عيسىٰ عليه السّلام جي ولادت ٿي، معراج واري رات حضرت جبرائيل عليه السّلام نبي پاڪ صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي هڪ مقام تي لهي ڪري نماز پڙهڻ جو چيو، حضورِ اڪرم صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن اتي نماز ادا فرمائي، حضرت جبرائيل عليه السّلام عرض ڪيو: اوهان کي خبر آهي ته اوهان ڪٿي نماز پڙهي؟ اوهان بيتِ لَحم ۾ نماز پڙهي جتي حضرت عيسىٰ عليه السّلام جن جي ولادت ٿي هئي. (سنن کبری للنسائی، ص81، حديث:448)
حڪيمُ الاُمّت مُفتي احمد يار خان نعيمي رحمۃ اللہ علیہ لکن ٿا: حضرت عيسىٰ عليه السّلام جي ولادت جو وقت ويجهو آيو ۽ پيدائش جا آثار ظاهر ٿيا ته ان وقت حضرت مريم رحمۃ اللہ علیہا اِيِلِيَا شهر (بيتُ المقدس) کان 6 ميل پري، جنگل ۾ بيتِ لحم جي مقام تي تشريف وٺي ويون. (نور العرفان، پ16، مريَم، تحت الآيہ:22، ص802) اتي ڪجيءَ جو هڪ سُڪل وڻ هو جنهن جا پن ۽ ٽاريون سڀ ڇڻي چڪا هئا ۽ صرف ٿُڙ باقي هو، زمانو سخت سردين جو هو، حضرت بي بي مريم پاڪ رحمۃ اللہ علیہا وڻ جي پاڙ سان ٽيڪ لڳائي ڪري ويهي رهيون ۽ هتي ئي حضرت عيسىٰ عليه السّلام جي ولادت ٿي. (حاشيه جمل، پ16، تحت الآية:23، 14/5)

**(7) غزه:** هي فلسطين ۾ عسقلان جي مغربي پاسي هڪ شهر آهي. هي اهو ئي مقام آهي جتي رسولِ پاڪ صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي ڏاڏا سائين هاشم بن عبد مناف جو انتقال ٿيو ۽ اتي ئي سندن قبر آهي. (معجم البلدان،202/4)

الله پاڪ جي آخري نبي، محمدِ عربي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان ڪي ڪُنوار قرار ڏنو ۽ اتي رهڻ وارن کي بشارت ڏنائون. ارشادِ نبوي آهي:

طُوبٰى لِمَنْ اَسكَنَهُ اللهُ تَعَالٰى اِحدَى العُرُوسَينِ عَسقَلانِ اَوغَزَّة

ترجمو: خوشخبري آهي ان لاءِ جنهن کي الله پاڪ ٻن ڪنوارِن عسقلان يا غزّه مان هڪ ۾ رَهائي. (الفردوس بماثور الخطاب،450/2، حديث:3940-كنزالعمال،289/12، حديث:35077) اهو شهر ته فاروقِ اعظم جي دور ۾ حضرت اميرِ معاويہ رَضِيَ اللهُ عَنْه جن فتح ڪيو هو، عالَمِ اسلام جي عظيم هستي، ائمہِ اربعہ مان هڪ حضرت امام محمد بن ادريس شافعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي ولادت 150 هجري جو انهيءَ علائقي ۾ ٿي.

(آثار البلاد واخبار العباد، ص227-وفيات الاعيان،4/ 23)



# ڪنهن ڪي قتل نہ ڪيو!

دعوتِ اسلامي جي مرڪزي مجلسِ شورٰي جا نگران مولانا محمد عمران عطاري

الله پاڪ جي ويجهو بيشڪ پسنديده دين ”اسلام“ آهي اسلام ۾ انساني جان جو تمام گهڻو احترام آهي ۽ ڪنهن انسان کي ”ناحق ۽ بي قصور قتل ڪرڻ“ تمام وڏو گناهہ آهي. ان ڪري اسلام جتي ٻين بُرائين کان روڪي ٿو اتي ڪنهن کي ”ناحق قتل ڪرڻ“ واري بُرائي کان بہ پنهنجي مڃڻ وارن کي سختي سان منع ڪري ٿو. خالقِ ڪائنات جَلَّ جَلَالُہ پنهنجي پاڪ ڪتاب قرآنِ مجيد فرقانِ حميد ۾ ارشاد فرمائي ٿو: وَلَا تَقْتُلُوا النَّفْسَ الَّتِیْ حَرَّمَ اللّٰهُ اِلَّا بِالْحَقِّ ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ جنهن جان (جي قتل ڪي) الله حرام ڪيو آهي ان کي ناحق نہ ماريو. (سيپارو 8، الانعام: 151) ۽ اسلام اسان کي هيءَ ڳالهہ بہ سمجهائي آهي تہ جنهن بنا اجازتِ شرعي ڪنهن کي قتل ڪيو تہ جڻ ان تمام انسانن کي قتل ڪري ڇڏيو، پڻ ناحق قتل جي ذريعي

”قاتل“ الله پاڪ جي حقن، ٻانهن جي حقن ۽ شريعت جي حدن سڀني کي ٿي پامال ڪري ڇڏيندو آهي. ائين ئي جنهن ڪنهن جي زندگي بچائي جيئن ڪنهن کي قتل ٿيڻ، ٻُڏڻ، سڙڻ يا بُک سبب مرڻ ۽ ان کان علاوه ٻين هلاڪت واري سببن کان بچائي ورتو تہ جڻ ان تمام انسانن کي هلاڪ ٿيڻ کان بچائي ورتو. بهرحال الله پاڪ ارشاد فرمائي ٿو: كَتَبْنَا عَلٰى بَنِیْۤ اِسْرَآءِیْلَ اَنَّهٗ مَنْ قَتَلَ نَفْسًۢا بِغَیْرِ نَفْسٍ اَوْ فَسَادٍ فِی الْاَرْضِ فَكَاَنَّمَا قَتَلَ النَّاسَ جَمِیْعًاؕ-وَ مَنْ اَحْیَاهَا فَكَاَنَّمَاۤ اَحْیَا النَّاسَ جَمِیْعًاؕ- ترجمو ڪنزالعرفان: اسان بني اسرائيل تي لکي ڇڏيو جنهن ڪنهن جان جي بدلي يا زمين ۾ فساد ڦهلائڻ جي بدلي ڪانسواءِ ڪنهن شخص کي قتل ڪيو تہ جڻ ان سڀني انسانن کي قتل ڪري ڇڏيو ۽ جنهن ڪنهن هڪ جان کي (قتل

ڪان بچائي) زنده رکيو ان جڻ سيني انسانن کي زنده رکيو. (سيپارو: 6، المآئدة: 32)

هي الله پاڪ جو فرمان جهڙي طرح بني اسرائيل جي لاءِ هو اهڙي طرح مسلمانن جي لاءِ به آهي، ڇو جو اڳين امّتن جا جيڪي احڪام بنا ردو بدل جي اسان تائين پهتا آهن اهي اسان جي لاءِ به آهن. ۽ هيءَ آيتِ ڪريم اسلام جي تعليمات کي واضح ڪري رهي آهي ته اسلام ڪيتري قدر امن ۽ سلامتي جو مذهب آهي ۽ اسلام جي نظر ۾ انساني جان جي ڪيتري قدر اهميت آهي. هن مان انهن ماڻهن کي عبرت حاصل ڪرڻ گهرجي جيڪي اسلام جي اصل تعليمات کي پٺ پويان رکي ڪري دامنِ اسلام تي قتل و غارتگري جا حامي هجڻ جو بدنُما داغ لڳائن ٿا.(صراط الجنان،420/2) ڪنهن مسلمان کي ناحق قتل ڪرڻ جي آخرت جي سزا بيان ڪندي الله پاڪ ارشاد فرمائي ٿو:وَمَنۡ يَّقۡتُلۡ مُؤۡمِنًا مُّتَعَمِّدًا فَجَزَآؤُهٗ جَهَنَّمُ خٰلِدًا فِيۡهَا وَغَضِبَ اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَ لَعَنَهٗ وَ اَعَدَّ لَهٗ عَذَابًا عَظِيۡمًا ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ جيڪو ڪنهن مسلمان کي ڄاڻي واڻي قتل ڪري ته ان جو بدلو جهنّم آهي وڏي مدت تائين ان ۾ رهندو ۽ الله ان تي غضب ڪيو ۽ ان تي لعنت ڪئي ۽ ان جي لاءِ وڏو عذاب تيار ڪري رکيو آهي. (سيپارو 5، النسآء: 93)

انساني جان جي حُرمت ۽ اهميت اسلام جي ويجهو ڪيتري قدر آهي، ان جو اندازو هن ڳالهه مان به لڳائي سگهجي ٿو ته بانيءِ اسلام، رسولِ خيرُ الانام صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جڏهن بيعت ڪرائيندا هئا ته عام طور جن ٻُرن ڪمن کي نه ڪرڻ جو سامهون وارن/ وارين کان عهد وٺندا هئا انهن مان ”ڪنهن جان کي ناحق قتل ڪرڻ“ به شامل هوندو هو. (پ28،الممتحنة:12-بخارى،359/4،حديث:6873-مسلم،ص726،حديث:4461) حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مختلف وعيدون بيان ڪري به هن بُرائي کان ماڻهن کي منع ڪيو جيئن 4 فرامينِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پڙهندا:

(1) تباهه ۽ برباد ڪرڻ وارين ستن شين کان بچو! صحابهءِ ڪرام رضي الله عنهم عرض ڪيو: يارسولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! اهي (ستَ شيون) ڪهڙيون آهن؟ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ( ست شين کي بيان ڪندي هي به) ارشاد فرمايو: ان جان جو قتل ڪرڻ جو جنهن جو ”ناحق قتل“ الله پاڪ حرام ڪيو هجي. (بخارى،242/2، حديث:2766)

(2) جيڪڏهن زمين ۽ آسمان وارا ڪنهن مُسلمان جي قتل تي جمع ٿي وڃن ته الله پاڪ سيني کي اونڌو جَهَنّم ۾ وجهي ڇڏي.“ (معجم صغير،205/1)

(3) قيامت جي ڏينهن مَقتول بارگاهِ الاهي ۾ هيئن حاضر ٿيندو جو هڪ هٿ ۾ پنهنجو مٿو ۽ ٻئي هٿ ۾ قاتل جو گلو پڪڙيل هوندو جڏهن ته ان جي رڳن مان رت وهي رهيو هوندو ايستائين جو اهو عرشِ الٰهي وٽ پهچي ڪري الله ربُ العٰلمين جي بارگاهه ۾ عرض ڪندو: هي آهي اهو شخص جنهن مون کي قتل ڪيو هو. الله پاڪ قاتل کي

فرمائيندو: ”تنهنجي هلاڪت ٿئي.“ پوءِ ان کي جهنّم جي طرف هَڪليو ويندو.“ (معجم اوسط، 170/3، حديث:4217) ڪڏهن ڪڏهن ڪو شخص ”ناحق قتل“ ۾ ڊائريڪٽ قاتل جي مدد ڪندو آهي جڏهن ته ڪڏهن ڪڏهن هي به ٿيندو آهي جو ڪو شخص خود قتل ناهي ڪندو بلڪ ڪنهن ٻئي کان قتل ڪرائيندو آهي، ٻنهي قسمن جي ئي ماڻهن کي هيٺ ذڪر ڪيل 2 فرامينِ مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم کان عبرت حاصل ڪرڻ گهرجي:

(1) ”جنهن ڪنهن مومن مسلمان جي قتل تي اڌ ڪَلمي جيتري به مدد ڪئي ته اهو قيامت جي ڏينهن الله پاڪ جي بارگاهه ۾ ان حال ۾ ايندو جو ان جي ٻنهي اکين جي وچ ۾ لکيل هوندو ”اٰيِسٌ مِّنْ رَّحْمَةِ الله“ يعني الله پاڪ جي رحمت کان مايوس.“ (ابن ماجه، 262/3، حديث :2620)

(2) (جهنّم جي) باهه کي ستر حصن ۾ ورهايو ويو آهي، 69 حصا قتل جو حڪم ڏيڻ واري جي لاءِ ۽ هڪ حصو قاتل جي لاءِ آهي. (مسند احمد، 165/38، حديث: 23066) حضرت سيدنا ابو درداء رضی الله عنه فرمائن ٿا: قيامت جي ڏينهن مقتول وينو هوندو، جڏهن ان جو قاتل گذرندو ته اهو ان کي پڪڙي ڪري الله پاڪ جي بارگاهه ۾ عرض ڪندو: اي منهنجا ربَّ! تون هن کان پُڇ ته هن مون کي ڇو قتل ڪيو؟ الله پاڪ قاتل کي فرمائيندو: تو هن کي ڇو قتل ڪيو؟ قاتل عرض ڪندو: مون کي فلاڻي شخص قتل جو حڪم ڏنو هو، سو قاتل ۽ قتل جو حڪم ڏيڻ واري ٻنهي کي عذاب ڏنو ويندو.

انساني حق سمجهڻ وارن، انهن کي ٻين جي سامهون بيان ڪرڻ وارن ۽ انسانن کي تحفظ فراهم ڪرڻ جي ذميدار هر شخص کي منهنجي فرياد آهي! دنيا ۾ ڪنهن جو ”ناحق قتل“ نه ٿئي ان جي لاءِ پنهنجون ڪوششون ڪيو، انسان هجڻ جي ناطي ٻين مسلمانن جو احترام ڪيو ۽ انهن کي تحفظ فراهم ڪيو. الله پاڪ هر هڪ کي هن پيغام تي عمل ڪرڻ ۽ هن کي عام ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمين بِجاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم





امِّ ميلاد عطاريہ

# پائرن جي زندگي ۾ ڀينرن جو ڪردار

الله پاڪ جي عطا ڪيل ڪروڙين نعمتن مان هڪ نعمت رت جا رشتا پڻ آهن، رت جي رشتن جو لحاظ نهايت اهم آهي، الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ ڪوڙ جاين تي هن جو تذڪرو فرمايو ۽ رت جي رشتن جو احترام ڪرڻ جو حڪم ڏنو ۽ صلحءِ رحمي ڪرڻ وارن جي تعريف ڪئي وئي آهي جيئن تہ الله پاڪ جو ارشاد آهي: ﴿وَالَّذِیْنَ یَصِلُوْنَ مَاۤ اَمَرَ اللّٰهُ بِهٖۤ اَنْ یُّوْصَلَ وَ یَخْشَوْنَ رَبَّهُمْ وَ یَخَافُوْنَ سُوْٓءَ الْحِسَابِؕ۝۲۱﴾ ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ جيڪي ان کي ڳنڍيندا آهن جنهن جي ڳنڍڻ جو الله حڪم ڏنو ۽ پنهنجي رب کان ڊڄندا آهن ۽ بري حساب کان خوف رکندا آهن. (سيپارو: 13، رعد: 21)

اسلام رت جي رشتن کي مضبوط رکڻ جي لاءِ اهڙا احڪام بيان فرمايا آهن جو جن تي عمل ڪرڻ سان صرف خاندان نہ بلڪ معاشرو بہ مضبوط ٿي ويندو آهي ڇو جو خاندان ئي معاشري جو بنيادي جُز آهي، جنهن جي مضبوطي معاشري جي مضبوطي آهي، انهن رت جي رشتن مان ماءُ پيءُ کان بعد مضبوط، طاقتور ۽ ڊگهو رشتو ”ڀاءُ ڀيڻ“ جو آهي.

ڀاءُ ڀيڻ گڏ اٿندا ويهندا، کائيندا پيئندا، ۽ کِلندا ڳالهائيندا آهن انهن جي اها پاڻ ۾ محبت هڪٻئي کي طاقت فراهم ڪندي آهي. اسلام جو تہ نہ صرف مڪمل مذهب بلڪہ دينِ فطرت بہ آهي تنهنڪري هي پيارو مذهب انهن تعلقات کي چڱي نموني نڀائڻ ۽ ان جي پاسداري جي رهنمائي بہ فراهم ڪندو آهي. جيئن حديثِ پاڪ ۾ آهي: جنهن جون ٽي ڌيئرون يا ٽي ڀينرون هجن يا بہ ڌيئرون يا بہ ڀينرون هجن ۽ هو انهن سان سٺو سلوڪ ڪري ۽ انهن جي باري ۾ الله پاڪ کان ڊڄندو رهي تہ ان جي لاءِ جنّت آهي.(ترمذی، 3 / 367، حديث : 1923)

جتي پائرن کي ڀينرن سان حسنِ سلوڪ جو حڪم آهي اتي ڀينرن جي بہ ذميداري آهي تہ پائرن سان سٺو سلوڪ ڪن. ڀيڻ ڀاءُ

هڪٻئي جي ڏک جا ساٿي هوندا آهن مشڪلاتن ۾ هڪٻئي جو سهارو بڻجندا آهن، پر ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن سبب ڀاءُ ڀيڻ هڪٻئي جي خلاف ٿي ويندا آهن ۽ هن طرح هڪٻئي جي دل آزاري جو سبب بڻجندا آهن.

ڪجھ ڀينرُن جي هي سوچ هوندي آهي ته ڀاڄايون انهن جي خدمت ڪن، انهن جي حصي جو به ڪم ڪن. ڀاڄايون گهر اچي وڃن ته هر طرح جا ڪم انهن جي حوالي هجن، جڏهن ته شرعي اعتبار سان ائين ناهي جو ڀاڄائي ننڻان جي خدمت ڪري. ڀاڄائي خاندان جو حصو هوندي آهي ۽ صرف ڀاءُ جي شريڪِ حيات هجڻ جي حيثيت سان نه بلڪ هڪ مسلمان ۽ الله جي ٻانهي هجڻ جي حيثيت سان به ننڻانن جي لاءِ قابلِ احترام آهي.

شادي شده ڀيڻ جيڪڏهن والدين جي گهر وڃي ته هرگز هي ذهن نه بڻائي ته ڀاڄائي هن جي خدمت ڪري، ان جي ٻارن کي سنڀالي، ان جي فرمائش وارا ڪاڏا ناهي ڪري ڏي، يقيناً هي بلڪل مناسب انداز ناهي. بلڪ ڀيڻ کي گهرجي ته جڏهن اها والدين جي گهر وڃي ته موقعي جي مناسبت سان گهٽ وقت گذاري ۽ والدين جي گهر ۾ به پنهنجا ڪم پاڻ ڪري بلڪ ڀاڄائي جو به ساٿ ڏي.

ڪجھ ڀينرون ڀاءُ سان سندس گهرواري جي باري ۾ منفي (Negative) ڳالهيون ڪنديون آهن مثلاً اوهان جي گهرواري گهر صاف ناهي ڪندي، مان ايندي آهيان ته لفٽ ناهي ڪرائيندي، امڙ جو خيال ناهي ڪندي. هن طرح ڀاءُ جي دل ۾ سندس گهرواريءَ جي خلاف ڳالهيون اچي وينديون آهن جنهن سان ان جو انداز پنهنجي گهرواريءَ سان بدلجي ويندو آهي ۽ گهر جي ماحول ۾ خرابيون پيدا ٿي وينديون آهن.

اهڙيءَ طرح ڪجھ ڀينرون پنهنجين ڀينرن کي انهن جي مُڙسن ۽ ساهُرن جي خلاف به ڀڙڪائينديون آهن. هي نهايت ئي بُرو عمل آهي، نبي ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ معظم آهي: "جيڪو ڪنهن شخص جي گهرواريءَ کي ان جي خلاف ڀڙڪائي اهو اسان مان ناهي." (مسند احمد،16/9، حديث:23041)

جيڪڏهن هي ڳالهيون بي بنياد هجن ته اهي ڳالهيون اهڙين ڀينرن کي تهمت جي گناهه جي عذاب ۾ مبتلا ڪري سگهن ٿيون. فرمانِ آخري نبي صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ آهي: جيڪو ڪنهن مسلمان کي ذليل ڪرڻ جي غرض سان ان تي الزام هڻي ته الله پاڪ ان کي جهنّم جي پُل تي ان وقت تائين روڪيندو جيستائين اهو پنهنجي چيل ڳالهه (جي گناهه کان ان شخص کي راضي ڪري يا پنهنجي گناهه جي مقدار عذاب سهي ڪري نه نڪري وڃي.

(ابو داؤد،354/4، حديث: 4883)

اسلامي احڪامن جي لحاظ سان ڀينرن جو هي انداز درست ناهي، انهن کي هن کان بچڻ گهرجي.

ڪجھ جڳهن تي ڀينرن جو هي ذهن به بڻجي رهيو آهي ته ڀائرن کان ڪجھ نه ڪجھ

ملندو ئي رهندو، ڪڏهن خوشيءَ جي موقعي تي رسم جي نالي تي ته ڪڏهن تهوار تي رواج جي صورت ۾، ڪڏهن هي گهرج هوندي آهي ته جڏهن ياءُ جي گهر ٻار پيدا ٿين ته پيڻ کي ڪو وڏو تحفو، رقم يا سون وغيره ڏنو وڃي، هن طرح جا ڪيئي معاملات هن طرح جون ڀينرون ڪندي نظر اينديون آهن حالانڪ سوال ڪرڻ کان بچڻ گهرجي. اڄڪلهه جي مهانگائي جي دور ۾ زبردستي ياءُ جي ڪيسي تي هن طرح جو وزن وجهڻ هرگز مناسب ناهي، پنهنجي پائرن جون خوشيون ڏسي ڪري انهن جي نعمتن ۾ اضافي جي لاءِ الله پاڪ کان دعا ڪرڻ گهرجي.

ها جيڪڏهن ياءُ حيثيت وارو آهي، پاڻ پنهنجي خوشيءَ سان ڏيندو هجي جيئن ته عام طور گهرن ۾ ننڍا ننڍا تحفا ڏيڻ جو معمول هوندو ئي آهي ته ان ۾ شرعي لحاظ سان ڪو حرج ناهي.

هڪ معاملو جائيداد جي ورهاست جي معاملي ۾ ڏسڻ ايندو آهي ته اهي پيڻ ياءُ جيڪي هڪ ڇت جي هيٺان هڪ ئي ماءُ پيءُ جي ڇانوَ هيٺ نپيا وڏا ٿيا هوندا آهن دنيا جي ذليل دولت جي پنيان هڪٻئي جا سخت مخالف ٿي ويندا آهن. وراثت ۾ جيتوڻيڪ ڀينرن جو حصو شرعاً مقرر آهي پر ڪجهه ڀينرون شرعي ورهاست جي بدران پائرن جي برابر برابر حصن جو مطالبو ڪنديون آهن جيڪو بعد ۾ ڀينرن پائرن ۾ ڏکو تڪرار، رت جي رشتن جي ٽٽڻ ۽ ڪيئي طرح جي اختلافن جو باعث بڻجندو آهي. ڪٿي ڪٿي هن ڳالهه تي خاندان جي عزّت ڪورٽ جي نظر ٿي ويندي آهي.

اسلام ۾ وراثت جا واضح ۽ مڪمل احڪام موجود آهن. شريعت جي نظر سان جنهن جو جيڪو جائز حصو بڻجندو هجي سهڻي طريقي سان ان کي قبول ڪيو وڃي هن سلسلي ۾ شريعت جي تعليمات تي عمل ڪرڻ سان ڪيئي مسئلن کان بچي سگهجي ٿو.

بهرحال هڪ خاندان جي خوشحالي ۾ هڪ پيڻ ڪيئي لحاظ سان پنهنجو ڪردار ادا ڪري سگهي ٿي تنهنڪري ڪوشش ڪرڻ گهرجي ته خوشگوار ۽ سنو ماحول بڻائي رکي.



# خوابن جي تعبير

مولانا اسد عطاري مدني

خواب: مون خواب ۾ آسمان ۾ مدينو ڏٺو آهي.

تعبير: سٺو خواب آهي، مديني سان محبت جي علامت آهي.

خواب: منهنجو اهو خواب آهي ته مان هڪ گاڏيءَ تي وڃي رهيو آهيان اوچتو گاڏي جانور ٻڻجي وڃي ٿي جيئن ڪو جادو هجي، مان ورد ڪرڻ شروع ڪري ڏيندو آهيان ته ان جانور کان بچي ويندو آهيان.

جواب: خواب بي ربط آهي، ان جي ڪري پريشان نه ٿيو. البته پنهنجي روزاني زندگي ۾ ڪجھ وظائفن کي شامل رکڻ ضرور فائديمند آهي. جيڪڏهن توهان ڪنهن جامع شراط پير صاحب جا مريد آهيو ته ان جا ٻڌايل ڪجھ نه ڪجھ اوراد و وظائف پڙهندا رهو، ان شاءَ اللہ ان جون برڪتون نصيب ٿينديون.

خواب: مون خواب ۾ پنهنجي سسُ کي سفيد لباس ۾ ملبوس ڏٺو ۽ ڏٺم ته هوءَ گذاري وئي آهي ۽ اسان سڀ روئڻ لڳاسين ته انهيءَ وقت منهنجي مڙس هن کي هِلايو ۽ ڏٺو ته هوءَ جيئري هئي.

۽ ٻيو خواب منهنجي ماءُ ڪجھ ڏينهن اڳ ڏٺو ته گهر ۾ ٻه جنازا رکيل آهن ۽ ٻنهي جي مٿان ڪارو ڪپڙو آهي ۽ چوڌاري وڏي گندگي آهي. مهرباني ڪري مون کي انهن ٻنهي خوابن جي تعبير ٻڌايو، توهان جي نوازش ٿيندي.

جواب: انهن خوابن جي ڪا به تعبير ناهي، پريشان نه ٿيو جيڪڏهن توهان جي سسُ جيئري آهي ته ان جي وڏي ڄمار جي دعا ڪريو.

خواب: مون خواب ۾ ڏٺو آهي ته منهنجي منهن تي ڪارا داغ آهن، مهرباني ڪري ان جي تعبير ارشاد فرمايو. شڪريہ!

**تعبير:** منهن تي داغ ٿيڻ مالي معاملات ۾ خرابي جي علامت آهي. خواب ڏسندڙ کي گهرجي تہ ان حوالي سان پنهنجي معاملن تي غور ڪري، جيڪڏهن ڪٿي ڪوتائي نظر اچي تہ ان کي دور ڪري. ۽ جيڪڏهن ڪو گناهہ جو ڪم معلوم هجي تہ ان کان الله جي بارگاهہ ۾ توبهہ ڪري.

**خواب:** منهنجي پيءُ کي ڪيترائي ڀيرا اهو ئي خواب ايندو آهي تہ ان جا جوتا گم ٿي ويا آهن يا ان کي رستو ناهي ملندو ۽ رستو ملندو آهي تہ قبرستان وٽان. ۽ هن کي اڪثر جنهن رستي کان گذرڻو هوندو آهي اهو قبرستان هوندو آهي. ان جو چوڻ آهي تہ هن طرح جو خواب ڪيترائي ڀيرا آيو آهي. مهرباني ڪري خواب جي تعبير ٻڌايو.

**جواب:** خيالات مختلف هئڻ جي ڪري اهڙا خواب نظر ايندا رهندا آهن، پريشان نہ ٿيو! الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ عافيت جي دعا گهرو.

# وظائف

## نانگ، وِڇُن وغيره موذيات کان حفاظت جو عمل

اَعُوْذُ بِكَلِمَاتِ اللهِ التَّآمَّةِ مِنْ شَرِّ مَا خَلَقَ

ترجمو: مان الله پاڪ جي ڪامل ڪلمات جي واسطي سان سڄي مخلوق جي شَرَ کان پناهه گهران ٿو.

صبح ۽ شام ٽي ٽي ڀيرا پڙهو.

فضيلت: نانگ، وِڇون وغيره موذيات کان پناهه حاصل ٿيندي. (الوظيفة الكريمه، ص14)

## گناهه کان حفاظت جو وظيفو

سورتِ اخلاص 11 ڀيرا صبح جو پڙهو.

فضيلت: جيڪڏهن شيطان پنهنجي لشڪر سان گڏ ڪوشش ڪري ته هن کان گناهه ڪَرائي ته نه ڪرائي سگهندو جيستائين اهو پاڻ نه ڪري.(الوظيفة الكريمه، ص21)

نوٽ: هر وظيفي جي شروع ۽ آخر ۾ هڪ هڪ ڀيرو دُرود شريف پڙهڻو آهي.

## شَبِ بَراءَت ۾ مغرب کان بعد ڇهه نوافل

شعبان المعظم جي پندرهين رات يعني شبِ بَراءَت ۾ بزرگانِ دين جي معمولات مان هي ٻه آهي ته مغرب جي فرض ۽ سنتن وغيره کان بعد ڇهه رڪعتون نفل ٻه ٻه رڪعتون ڪري ادا ڪيون وڃن. پهرين ٻن رڪعتن کان اڳ هيءَ نيت ڪريو: ”اي الله انهن ٻن رڪعتن جي برڪت سان مون کي درازيِ عمر باالخير عطا فرماءِ“ ٻي ٻن رڪعتن ۾ هيءَ نيت فرمايو: ”اي الله پاڪ هنن ٻن رڪعتن جي برڪت سان بَلائن کان منهنجي حفاظت فرماءِ.“ ٽئين ٻن رڪعتن لاءِ هيءَ نيت ڪيو: ”اي الله هنن ٻن رڪعتن جي برڪت سان مون کي پاڻ کانسواءِ ڪنهن جو محتاج نه ڪر.“ ”انهن 6 رڪعتن ۾ سورتِ فاتحه کان پوءِ جيڪا ٻه سورت چاهيو پڙهي سگهو ٿا. جيڪڏهن چاهيو ته هر رڪعت ۾ سوره فاتحه کان پوءِ ٽي ٽي ڀيرا سوره اخلاص پڙهي ونو. پڻ هر ٻن رڪعتن کان پوءِ ايڪويهه ڀيرا سورتِ اخلاص (پوري سورت) يا هڪ ڀيرو سورتِ يٰس شريف پڙهو بلڪ ٽي سگهي ته ٻئي ئي پڙهي ونو. هي ٻه ٿي سگهي ٿو ته ڪو هڪ اسلامي ڀاءُ بُلند آواز سان يٰس شريف پڙهي ۽ ٻيا خاموشي سان ڪن لڳائي ڪري ٻڌن. هن ۾ هي خيال رهي ته ٻڌڻ وارو ان دوران زبان سان يٰس شريف بلڪ ڪجهه ٻه نه پڙهي ۽ هي مسئلو خوب ياد رکو ته جڏهن قرآنِ پاڪ بُلند آواز سان پڙهيو وڃي ته جيڪي ماڻهو ٻڌڻ جي لاءِ حاضر آهن انهن تي فرض عَيَن آهي ته خاموشي سان خوب ڪن لڳائي ڪري ٻڌن. اِنّ شآءَ الله رات شروع ٿيندي ئي ثواب جو انبار لڳي ويندو. هر ڀيري يٰس شريف کان بعد ”دعاءِ نصف شعبان“ ٻه پڙهو.

نوٽ: دعاءِ نصف شعبان اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ العَالِيَه جي رسالي ”آقا جو مهينو“ ۾ ملاحظه ڪري سگهجي ٿي. هي رسالو مڪتبةُ المدينه تان حاصل ڪيو.

# ڀين کي نماز جي دعوت ڏيو!

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان کي پاڻ تہ اِنْ شَآءَ اللّٰہُ الْکَرِیۡم! نماز پڙهڻي ئي پڙهڻي آهي، ان سان گڏوگڏ گهر وارن کي، دوست احباب کي، پاڙي وارن، علائقي وارن، آفيس ۾، دڪان تي گڏ ڪم ڪرڻ وارن کي بہ نماز جي دعوت ڏئي ڪري نمازي بڻائڻ جي ڪوشش ڪرڻي آهي. حديث پاڪ ۾ آهي: حضرت ابوسعيد خُدري رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ کان روايت آهي تہ حضورِ پاڪ، صاحبِ لولاڪ، سيّاحِ افلاڪ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ فرمايو تہ توهان مان ڪو جڏهن ڪنهن بُرائي کي ڏسي تہ ان کي گهرجي تہ بُرائي کي پنهنجي هٿ سان روڪي ۽ جيڪو پنهنجي هٿ سان روڪڻ جي طاقت نٿو رکي تہ ان کي گهرجي تہ پنهنجي زبان سان روڪي ۽ جيڪو پنهنجي زبان سان روڪڻ جي طاقت نٿو رکي تہ ان کي گهرجي تہ پنهنجي دل ۾ بُرو ڄاڻي ۽ هي ڪمزور ترين ايمان جي علامت آهي. سنن نسائی ،کتاب الاِیمان ،باب :تفاضل اہل الایمان ، صفحہ:802،حدیث :5018بتغیر قلیل ۔